# جمالِ مصطفیٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم

هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# جمالِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله　　وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله　　وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.**

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

**فرمانِ مُصطفيٰ** صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **حضرت اَبُو المواهِب** رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ **فرمائن ٿا: مون خواب ۾ رَسُوْلُ الله** صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **کي ڏٺو، حُضُورِ اَقدَس** صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن مون کي فرمايو: "قيامت جي ڏينهن تون هڪ لَک ماڻهن جي شَفاعت ڪندين." مون عرض ڪيو: يَارَسُوْلُ الله** صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم**! آئون ڪيئن ان جي قابل ٿيس؟ اِرشاد فرمايائون: "ان لاءِ جو تون مون تي دُرود پڙهي ڪري ان جو ثواب مون کي نذر ڪندو آهين."**

( الطبقات الكبرى للشعرانى ،ج٢،ص١٠١)

شافعِ روزِ جزا، تم پہ کروڑوں دُرود　　دافعِ جُملہ بلا، تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله, تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل

ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ ”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪ ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دؤره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رَبِيعُ الاَوَّل شريف جو مبارڪ مهينو جاري ۽ ساري آهي، هي اهو مُقدَّس مهينو آهي جنهن ۾ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وِلادتِ باسعادت ٿي، انهي لاءِ ان مهيني ۾ خُصُوصيت سان گڏ جتي سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سِيرَتِ طيبہ جي مُختلف گوشن ۽ مِيلادُ النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا واقِعا بيان ڪري عاشِقانِ رسُول جي دلين ۾ عشقِ رسول جي شَمَع مزيد روشن ڪئي ويندي آهي، اُتي حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حُسن وجَمال جو تذڪرو ڪري ان جي دِلين ڪي مزيد جوش ڏياريو ويندو آهي. اڄ جي بَيان جو مَوضُوع بہ ”جمالِ مصطفيٰ“ آهي،

اچو تہ! نهايت ئي تَوَجُّهه ۽ دِلجمعي سان حُسن وجَمالِ مُصطفيٰ جي مُتَعَلّق بُڌون ٿا. جيئن تہ

## آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُسن وجَمال جي مُتعلِق هڪ واقِعو

جڏهن محبوبِ ربّ، شهنشاهِ عجم و عرب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، مڪہ مڪرّمه ڪان مدينہ مُنوَّره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعۡظِيۡمًا جي طرف هجرت جي لاءِ پنهنجي ڪجھ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان سان گڏ روانہ ٿيا، تہ حضرت اُمِ مَعۡبَد جي خيمي وٽان گُذريا. اها خاتُون اوهان ڪي سُجاٽيندي نہ هئي، پر اها وڏي عقلمند هئي، پنهنجي خيمي جي پرسان ويهي رهندي هئي ۽ مُسافِرن ڪي کاڌو وغيره ڪارائيندي هئي. ان مُبارڪ ڪاروان ان کان گوشت ۽ کجورن جي باري ۾ پڇيو تہ جيئن ان کان خريد ڪن، پر اتفاق سان اُن وَقت اُن وٽ ڪجھ نہ هو. حُضُورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خيمي جي ڪنڊ ۾ هڪ ڪمزور ٻڪريءَ ڪي ڏٺو ۽ پاڻ پڇيو: "اي اُمِ مَعۡبَد هيءَ ڪهڙي ٻڪري آهي؟" اُنهن عَرَض ڪيو: اِن جي ٿڻن ۾ کير نہ آهي، پر ان تہ ڪڏهن ٻچو بہ ناهي ڄڻيو. حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن **بِسۡمِ اللّٰه** شريف پڙهي ڪري اُن جي ٿڻن ۽ چيلھ تي پنهنجو دَسۡتِ شِفا بخش ڦيريو ۽ ان جي لاءِ دُعا فرمائي. ٻڪري پنهنجون ٽنگون ڪشادا ڪري ڇڏيون ۽ کير ڏيڻ لڳي، سيني ڍوھ ڪري پيتو پوءِ پاڻ روانا ٿي ويا، ٿوري ئي دير کان پوءِ اُمّ مَعۡبد جو مڙس گهر آيو. جڏهن اُنهن ايترو گهڻو کير ڏٺو تہ مُتَعَجب ٿي ڪري پڇيو: اُمّ مَعۡبد! ايترو کير ڪٿان آيو آهي؟ جڏهن تہ گهر ۾ کير وارو ڪو جانور بہ ناهي؟ اُنهن چيو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! هاڻي هاڻي هتان کان هڪ مُبارڪ ذات گُذري آهي. ابُو مَعۡبد چيو: ٿورو منهنجي سامهون ان

جو حُليو نہ بيان ڪريو. اُمِّ مَعۡبد جن چيو: ”مون هڪ اهڙي ذات ڏٺي آهي، جنهن جو حُسن نُمايان هو، جن جو چهرو خُوبصورت ۽ تخليق تمام بهترين هئي، گهڻا حَسين، اِنتهائي خُوبصورت هئا، اکيون ڪاريون ۽ وڏيون، پَلڪون وڏيون هيون، انهن جي آواز گُونج دار، ڳِچي چمڪدار، جڏهن نہ ڏاڙهي مُبارَڪ گهاٽي هئي. ڀَئي ڀِرون باريڪ ۽ مليل هيون. انهن جو مُبارَڪ قَد ۾ بہ تمام وچترائي هئي، نہ ايترو ڊگهو قَد جو ڏسي ڪري بُرو لڳِي، نہ ايترو ننڍو جو ڏسي ڪري حقير معلوم ٿئي، پَري کان ڏسو تہ تمام گهڻو رُعب دار ۽ حَسين و جميل نظر ٿي آيا ۽ جڏهن ويجهي کان ڏٺو وڃي تہ ان کان بہ گهڻو خُوبرُو ۽ حَسين ڏسڻ ۾ آيا. اهو سراپا حليو ٻُڌي ڪري ابُو مَعۡبَد چيو: الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! هي تہ اها ذاتِ گرامي آهي، جن جو مُعاملو اسان کي مڪہ مڪرّمہ کان پهتو آهي، منهنجي تہ خواهش آهي تہ انهن جي رَفاقت اِختيار ڪريان. جيڪڏهن منهنجي اِختيار ۾ هجي تہ آئون پنهنجي ان خواهش جي تڪميل ضَرور ڪندس. (۽ پوءِ ائين ئي ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ نبي رَحمت ، باعثِ خَير و برڪت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا بابرڪت قدم ان جي گهر ۾ پَوڻ جي برڪت سان نہ صِرف اُمِّ مَعۡبد جي مڙس بلڪ خود اُمِّ مَعۡبد رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهَا کي بہ دولتِ اسلام سان سرفراز فرمايو ۽ شرفِ صحابيت بہ عطا فرمائي ڇڏي).

(سبل الهدی والرشاد، الباب الرابع فی ہجرۃ ...الخ، ۳/۲۴۴ملتقطا)

خِلق تُمہاری جمیل، خُلق تمہارا جلیل

خَلق تمہاری گدا تم پہ کروڑوں دُرُود

(حدائق بخشش،ص۲۶۸)

شعر جي وضاحت: اي منهنجا آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! توهان جو پيدا هئڻ بہ بي مثل ۽ بي مثال ۽ لاجواب و باڪمال آهي ۽ توهان جي سيرتِ طَيبہَ ۽ اخلاقِ

www.dawateislami.net

عاليہ جو بہ ڪو ثاني ناهي. انهيءَ لاءِ پوري مخلوق توهان کي پسند ڪندڙ ۽ غلام بڻجي وئي آهي ۽ وَقت جا بادشاهہ بہ توهان جي گلي جو فقير هئڻ تي فخر ڪندا آهن. اي منهنجي ايمان جي جان! توهان تي ڪروڙين دُرُوْد.

(شرح حدائقِ بخشش،ص: ٩٧٢)

حُسن و جمالِ مصطفٰی مرحبا صد مرحبا

اَوج و کمالِ مصطفٰی مرحبا صد مرحبا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ اسان جا نبي بي مثال، پيڪرِ حُسن و جَمال صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪهڙو حُسن وجَمال عطا فرمايو آهي جو مُسلمانن جڏهن توهان جي رُخِ زَيبا کي ڏٺو تہ توهان جي نالي تي پنهنجيون جانيون نِڇاوَر ڪرڻ کان پوئتي نہ هٽيا ۽ جڏهن ڪنهن غير مسلم ڏٺو تہ اوهان جو حُسنِ سراپا، ان جي نظر ۾ اهڙو سَمايو جو اهو دائرهء اسلام ۾ داخل ٿي ويو. يقيناً اَوّلين ۽ آخرين ۾ نہ تہ ڪو اهڙو هو نہ آهي نہ هوندو.

لَمْ يَاتِ نَظِيْرُكَ فِيْ نَظَرٍ مِثْلِ تو نہ شُد پيدا جانا

جگ راج کو تاج تورے سَر سو ہے تجھ کو شہِ دوسَرا جانا

يعني يارَسُوۡلَ اللّٰه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان جهڙو تہ ڪڏهن نہ ڏٺو ويو، نہ آئنده ڏٺو ويندو، ڇو جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان جهڙو ڪو پيدا ئي ناهي فرمايو، جهانن جي بادشاهي توهان کي ئي نَهي ٿي، ان لاءِ اسان توهان کي جهانن جو بادشاهہ مڃي ورتو آهي.

نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُسن وجمال جو اَندازو ان ڳالهہ

www.dawateislami.net

سان لڳايو تہ الله تبارَڪ و تعاليٰ تمام حَسين وجميل شين کي پيدا فرمائي ڪري پُوري ڪائنات کي حُسن و جَمال بخشيو ۽ پوءِ پُوري ڪائنات جي حُسن کان وڌيڪ حضرتِ سيدُنا يوسف عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي حُسن و جَمال عطا فرمايو. پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام جي حُسن و جمال جو هي عالَم هو تہ جڏهن مِصر جي عورتن توهان کي ڏٺو، تہ توهان جي حُسن ۾ اهڙيون خُود رَفتہ ۽ گُم ٿي ويون جو بي خُودي جي عالَم ۾ اُنهن پنهنجي هٿن جون آڱريون بہ ڪٽي ڇڏيون. ان واقعي کي قرآنِ ڪريم انهن اَلفاظن سان بيان ڪيو آهي: جيئن تہ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو :

فَلَمَّا رَاَیْنَهٗۤ اَكْبَرْنَهٗ وَ قَطَّعْنَ اَیْدِیَهُنَّ وَ قُلْنَ حَاشَ لِلّٰهِ مَا هٰذَا بَشَرًاؕ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا مَلَكٌ كَرِیْمٌ(۳۱)
(پ۱۲،يوسف:۳۱)

**ترجمو ڪنز الايمان:** جڏهن عورتن يوسف کي ڏٺو تہ ان جي وڏائي بيان ڪرڻ لڳيون ۽ پنهنجا هٿ ڪٽي وينيون ۽ چوڻ لڳيون الله جي پاڪائي آهي هيءُ تہ بشر جي جنس مان نہ آهي هيءُ تہ نہ آهي مگر عزت وارو ملائڪ .

صَدرُ الْاَفاضِل حضرت مولانا مُفتي سيد محمد نعيمُ الدِّين مُراد آبادي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ خَزائنُ الْعِرفان ۾ ان آيتِ مُبارڪ جي تَحت فرمائن ٿا :جو جو اُنهن ان جَمالِ عالَم اَفروز (دنيا جي حسن وجمال کي وڌائڻ وارا حضرت يوسف عَلَیْہِ السَّلَام) سان گڏ نُبُوَّت ۽ رِسالت جا اَنوار ۽ عاجزي ۽ اِنڪساري جا آثار ۽ شاهانہ هيبت ۽ اِقتدار ۽ لذيذ کاڌن ۽ خُوبصورت چهرن جي طرف کان بي نيازيءَ جي شان ڏٺي، تَعَجب ۾ اچي ويون ۽ اوهان جي عَظَمَت ۽ هيبت دِلين ۾ وڌي وئي ۽ حُسن و جمال اهڙوتہ بيخود ڪيو جو انهن عورتن کي خُود فراموشي ٿي وئي. ۽ (انهن جي) دل حضرت يوسُف عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام سان اهڙي مَشغُول ٿي وئي

جو هٿ ڪٽڻ جي تڪليف جو اَصلاً اِحساس نہ ٿيو. (خزائن العرفان ،ص۴۴۷)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي تہ حضرتِ سَيِدُنا يوسُف عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جي حُسن جو عالَم هو جن کي پوري مخلوق مان وڌيڪ حُسن وجَمال عطا ڪيو ويو، تہ حُسن و جَمال جا شاهڪار، حبيبِ پروَرْدگار حضرت محمد مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُسن و جمال جو ڇا عالم هوندو، تہ جن جو حُسن حضرتِ يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي حسن وجمال کان بہ وڌيڪ آهي.

حُسنِ يُوسف پہ کٹیں مصر میں انگشتِ زناں
سر کٹاتے ہیں ترے نام پہ مردانِ عرب

اُمُّ الْمُؤمِنِيْن حضرتِ سيدَتُنا عَائِشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون:

فَلَوْ سَمِعُوْا فِيْ مِصْرَ اَوْصَافَ خَدِّهٖ
لَمَا بَذَلُوْا فِيْ سَوْمِ يُوْسُفَ مِنْ نَقْدٍ

يعني جيڪڏهن حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رُخسارِ مُبارڪ جون خوبيون، اهلِ مصر ٻُڌي وٺن ها تہ جنابِ يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام جي قيمت لڳائڻ ۾ سيم و زر (مال ودولت) نہ صَرف ڪن ها.

لَوَاحِيْ زُلَيْخَا لَوْ رَأَيْنَ جَبِيْنَهٗ لَآثَرْنَ بِالْقَطْعِ الْقُلُوْبَ عَلَى الْاَيْدِيْ

يعني جيڪڏهن زُليخا کي مَلامت ڪرڻ واريون عورتون، مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نوراني پيشاني جي زِيارت ڪري وٺن ها، تہ هٿن جي بجائي پنهنجا دل ڪٽڻ کي ترجيح ڏين ها. (زرقانی علی المواهب ،عائشہ ام المومنين، ٣٩٠/٤)

ترا مَسندِ ناز ہے عرشِ بریں ترا مَحرمِ راز ہے رُوحِ امیں
تُو ہی سرورِ ہر دو جہاں ہے شہا ترا مِثل نہیں ہے خُدا کی قسم
(حدائق بخشش،ص۸۱)

يعني اي منهنجا عظمت و شان وارا نبي! توهان جي عظمتن جو ڪير اندازو لڳائي سگهي ٿو جو عرشِ مُعَلّٰي تہ توهان جي ناز ۽ اَدا سان ويهڻ جي جڳهہ آهي ۽ جبريلِ اَمين توهان جو همراز ۽ وزير آهي ۽ توهان ٻنهي جهانن جا بادشاهہ بڻيو، آئون ڇا ڇا عرض ڪريان، منهنجا آقا، خُدا جو قسم! توهان جهڙو ڪو ناهي.

نعلينِ مصطفيٰ مرحبا مرحبا

خاندانِ مصطفيٰ مرحبا مرحبا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حُضُورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو شانِ بي مثال ڪي اسان ڀلا ڇا سمجهي سگهنداسين؟ حَضراتِ صحابہء ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضْوَان جيڪي ڏينهن رات، سفر ۽ حضر ۾ جمالِ نُبُوَّت جون تجليون پنهنجي اکين سان ڏسندا هئا، اُنهن نُورجي پيڪر، محبوبِ ربِّ اڪبر صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي جمالِ بي مِثال کي جِن لفظن ۾ بيان فرمايو، اچو تہ ! ٻُڌون ٿا. جيئن تہ

حضرت سَيدُنا اَنَس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: مون هر حَسين شيء ڏٺي آهي، پر رَسُوۡلُ الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ حَسِين ۽ جَمِيل مون ڪڏهن ناهي ڏٺو.
(سبل الهدی والرشاد ،ج۲،ص۷)

دِيدارِ مصطفيٰ مرحبا مرحبا

انوارِ مصطفيٰ مرحبا مرحبا

اُمُّ الۡمُؤمِنِين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون: كَانَ رَسُوۡلُ الله (صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) اَحۡسَنَ النَّاسِ وَجۡهًا وَّاَنۡوَرَهُمۡ لَوۡنًا ، يعني رَسُوۡلُ الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سڀ کان وڌيڪ خُوبصورت ۽ خُوش رنگ هئا. مزيد فرمائن ٿيون: لَمۡ يَصِفۡهُ وَاصِفٌ قَطُّ اِلَّا شَبَّهَ وَجۡهَهُ بِالۡقَمَرِ لَيۡلَةَ الۡبَدۡرِ، يعني جنهن بہ اوهان

جي تعريف ۽ توصيف بيان ڪئي، ان اوهان ڪي چوڏهين جي چنڊ سان تَشۡبِيهه ڏني، وَكَانَ عَرَقُهُ فِيۡ وَجۡهِهٖ مِثۡلَ اللُّؤۡلُؤ، يعني اوهان جي پسيني يعني پگهر مبارڪ جا ڦُڙو اوهان جي چهرهء اَنۡور تي ائين لڳندو هو، جيئن موتي.

(الخصائص الکبری،باب الآية فی عرقه الشريف،۱/ ۱۱۵)

اهڙي طرح صحابي رَسُول، حضرت سَيدُنا جابر بن سَمُره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون رَسُوۡلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي چانڊوڪي رات ۾ ڏٺو، مون ڪڏهن چنڊ جي طرف تي ڏٺو ۽ ڪڏهن سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهرهء اَنور کي تي ڏٺم، تہ مون کي اوهان جو چهرو چنڊ کان بہ وڌيڪ خُوبصُورت نظر تي آيو. (الشمائل المحمديه للترمذی،باب ماجاء فی خلق رسول الله،ص۲۴ حديث۹)

یہ جو مہر و مہ پہ ہے اِطلاق آتا نُور کا

بھیک تیرے نام کی ہے اِستِعارہ نُور کا

(حدائقِ بخشش،ص٢٤٨)

نُور کی خَیرات لینے دوڑتے ہیں مہر و ماہ

اُٹھتی ہے کس شان سے گردِ سُواری واہ واہ

(حدائقِ بخشش،ص١٣٤)

رِفعتِ مصطفٰی مرحبا مرحبا

اِنعامِ مصطفٰی مرحبا مرحبا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُسن و جَمال جي مُتَعلِّق صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي دِلنشين فَرمانَ ٻُڌي ڪري يقينًا عاشقانِ رسول جا دل خُوشي سان جُهومڻ لڳندا آهن. بيان ڪيل رِوايتن ۾

صحابَہِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جن چهرهء اَنْور کي چنڊ سان تشبيهه ڏني، جڏهن تہ سج جي روشني چنڊ کان گهٽي هوندي آهي، ان جي حڪمت هي آهي تہ چنڊ رُوئي زمين کي پنهنجي روشني سان پري ڇڏيندو آهي ۽ ڏسڻ وارن کي ان کان اُنسِيت حاصل ٿيندي آهي ۽ بغير ڪنهن تڪليف جي ان تي نظر ڄمائڻ مُمڪن هوندو آهي جڏهن تہ سج ۾ هي سڀ مُمڪن ناهي، ڇو جو ان کي ڏسڻ سان اکيون چُنجهي وينديون آهن.

(زرقانی علی المواہب، المقصد الثالث ،الفصل الاول فی کمال خلقتہ وجمال صورتہ،۲۵۸/۵)

خُورشید تھا کس زور پر کیا بڑھ کے چمکا تھا قمر
بے پردہ جب وہ رُخ ہوا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

(حدائقِ بخشش ،ص۱۱۰)

يعني سج پنهنجي پُوري آب وتاب سان گڏ طُلُوع ٿيو ۽ پوري جهان کي روشن ڪري ڇڏيو، چنڊ بہ پنهنجي تمام تَر جلوَن سان گڏ چمڪيو ۽ پوري دُنيا کي نُور جو ٽڪڙو بڻائي ڇڏيو، پر جڏهن رُخِ مُصطفيٰ کان نِقاب کڄيو تہ ٻنهي شرمنده ٿي ڪري مُنهن لِڪائي ورتو ۽ محبوبِ خُدا جي حُسن وجَمال جي اڳيان پنهنجو سِرتَسليمِ خَم ڪري ڇڏيو.

ياد رهي! صحابَہِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جن حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جنهن حُسن و جَمال کي چنڊ سان تشبيهه ڏني آهي، هي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ڪامل حُسن و جَمال نہ هو، جيڪڏهن پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جو حُسنِ ڪامل ماڻهن تي ظاهر ٿي وڃي ها تہ اکيون ان کي ڏسڻ جي طاقت نہ رکن ها. جيئن تہ علامہ زُرۡقاني، امام قُرطُبي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کان نقل فرمائن ٿا: "حُضُورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سڀ حُسن ۽ جمال اسان تي ظاهر نہ

تيو، جيڪڏهن سندن جو ڪامل حُسن ظاهر ٿي وڃي ها ته اسان جون اکيون ان جَلوهءِ زَيبا کي ڏسڻ جي طاقت نه رکن ها.“

(زرقانی علی المواہب،المقصد الثالث ، الفصل الاول فی کمال خلقتہ وجمال صورتہ، ۲٤۱/۵)

اِک جھلک دیکھنے کی تاب نہیں عالم کو

وہ اگر جلوہ کریں کون تماشائی ہو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حُليو شريف

متا متا اسلامي ڀائرو! حُضُور جانِ عالَم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُسن وجَمال ۽ اَوصاف و ڪمال کي بيان ڪرڻ جو اسان هرگز حق اَدا نٿا ڪري سگهون، پر سَرڪار صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذِڪرِ مُبَارَڪ مان بَرڪتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ، حُضُور عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا ڪجهه مبارڪ عُضون شريفن جي مَوَافقت ۾ حُسن و جمال جو مزيد تَذڪرو ٻُڌي ڪري پنهنجي لاءِ رَحمتن ۽ بَرڪتن جو سامان جمع ڪريون ٿا: جيئن ته

## چهرو مبارڪ

حُضُورِ اقدس صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چهرو مُبارڪ، جَمالِ الٰهي جو آئينو ۽ اَنوار و تجليات جو مَظهَر هو، گوشت سان ڀريل ۽ ڪيتري قَدَر گول هو. ان رُوئي مُبارَڪ کي حضرت عبدُ اللّٰه بن سلام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ڏسندي ئي پُڪاريائون: وَجۡهُهٗ لَيۡسَ بِوَجۡهِ كَذَّابٍ. انهن جو چهرو دَروغ گو (يعني ڪُوڙي) جو چهرو ناهي ۽ ايمان آندائون.

(مشکاۃ المصابیح ،کتاب الزکاۃ،باب فضل الصدقہ،ج۱،ص۳۶۲، حدیث۱۹۰۷)

ترے خُلق کو حق نے عظیم کہا تِری خِلق کو حق نے جمیل کیا

کوئی تجھ سا ہُوا ہے نہ ہو گا شَہا تِرے خالقِ حُسن واَدا کی قَسَم

(حدائق بخشش،ص۸۰)

شعر جي وضاحت: اي منهنجا رحمت وارا آقا صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي خُلَقِ مُبارڪ کي عظيم (تمام وڏو) قَرار ڏنو آهي ۽ توهان جي وِلادَتِ باسعادت هزارين سَعادَتون ۽ برڪتون کڻي آئي، اهڙي نرالي ۽ حَسِين کنهن جي پيدائش نہ ٿي. منهنجا آقا صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڀلا توهان جيان ڪير ٿي سگهي ٿو؟ ها ها! زمين ۽ آسمان جي پيدا ڪرڻ واري جو قسم آهي"توهان جهڙو ڪو ناهي" (شرحِ حدائقِ بخشش،ص:۲۲۶)

مِیلادِ مصطفٰی مرحبا مرحبا

دِل شادِ مصطفٰی مرحبا مرحبا

## اکيون مبارڪ

سَرڪار صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون مُبارڪ اکيون وڏيون ۽ قُدرتِ الٰهي سان سُرمَگِين (سُرمي واريون) ۽ پلڪون دَراز (وڏيون) هيون. اکين جي سفيدي ۾ باريڪ ڳاڙهي ڏوري هئي. پهريان جي ڪتابن ۾ هي بہ حُضُور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هڪ علامتِ نُبُوَّت هئي.

سُرمگیں آنکھیں حَریمِ حق کے وہ مُشکیں غَزال

ہے فَضائے لامکاں تک جن کا رَمْنا نُور کا

(حدائق بخشش،ص۲۴۸)

شعر جي وضاحت: رات کي بہ ڏينهن وانگر ڏسڻ واريون ۽ اڳيان پويان برابر ڏسڻ واريون، ڪستوري سان ڀرپور هرڻ جي اکين وانگر قدرتي سُرمو لڳل

هيون، منهنجي آقا صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون حَسِين و جَمِيل اکيون جي هيٺ جهڪن تہ (نَظَر) تَحتُ الثَّرىٰ (زمين جي سڀ کان هيٺين طبقي) تائين وڃي ۽ مٿي ڪڄن تہ نَظَر عرشِ مُعليٰ کان بہ پار ٿي وڃي ۽ ان بابرڪت ۽ نوراني اکين جو پنهنجي دائري ۾ گهُومڻ بہ نور ئي نور آهي. ڇو تہ اِنهيءَ جي اشارن سان اسان گنهگارن جي نجات ٿيندي. (شرح ڪلامِ رضا،ص:۷۲۱)

عزّتِ مصطفٰی مرحبا مرحبا
آمدِ مصطفٰی مرحبا مرحبا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پِرون مُبارَڪ

سَرڪار صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون پِرون ڊگهيون ۽ باريڪ هيون ۽ درميان ۾ ٻئي ايتري قَدَر مُتّصِل هيون جو پَري کان مليل لڳنديون هيون.

( الشمائل المحمديہ للترمذی،باب ماجاء فی خلق رسول اللہ،ص۲۲ حديث۷، ملتقطا)

جن کے سجدے کو محرابِ کعبہ جُھکی
ان بھوؤں کی لطافت پہ لاکھوں سلام
(حدائق بخشش ،ص۳۰۰)

شعر جي وضاحت: اسان جي آقا صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن ان جهان کي پنهنجي بابرڪت تشريف آوري سان زِينت بخشي ۽ حُضُور (صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي ولادتِ با سعادت ٿي تہ سَرڪار صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خود تہ سجدي ۾ وڃي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پنهنجي اُمّت جي لاءِ دُعا فرمائي رهيا

هيا ۽ ڪعبهء مُعظّم اوهان جي طرف جُهڪي ڪري اوهان جي نُوراني پِرُن جي نزاڪت ۽ لَطافت کي سَلامي پيش ڪري رهيو هو.

(شرح حدائقِ بخشش،ص:۱۰۲۱، بتغير)

گیسوئے مصطفٰی مرحبا مرحبا

داڑھی مصطفٰی مرحبا مرحبا

## نَڪ مبارڪ

سَرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو نَڪ مُبارَڪ خُوبصورت ۽ ڊگهو هو ۽ وچ ۾ اُڀريل نُمايان هو ۽ نڪ جي هڏي تي هڪ نُور دَرَخشان هو. جيڪو شخص بغور نہ ڏسندو هو تہ ان کي معلوم ٿيندو هو تہ بلند آهي، جڏهن تہ بُلند نہ هو. بُلندي تہ اهو نُور هو جيڪو ان (نَڪ) کي گهيرو ڪيل هو.

( الشمائل المحمديہ للترمذی،باب ماجاء فی خلق رسول اللہ،ص۲۲ حديث۷،ملتقطا)

بِنیِ پُرنُور پر رَخْشاں ہے بُکۂ نُور کا

ہے لِواءُالْحَمْد پر اُڑتا پھَریرا نُور کا

(حدائقِ بخشش،ص،۲۴۳)

شعر جي وضاحت: سَرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پُرنُور نڪ مُبارڪ تي هر وَقت ان طرح نُور چمڪندو رهندو هو جو ائين لڳندو هو جيئن لِواءُالْحَمْد (قِيامت جي ڏينهن الله تَعَاليٰ جي حمد جو جهنڊو جيڪو حُضُور عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي هٿ ۾ هوندو ان) جو (نشان يعني جهنڊو) ڦڙڪي رهيو آهي. (شرح حدائقِ بخشش، ص:۷۱۰)

بِنِی مصطفٰی مرحبا مرحبا

پسینۂ مصطفٰی مرحبا مرحبا

www.dawateislami.net

## پيشاني مبارڪ

حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيشاني مُبارڪ ڪشاده هئي ۽ چراغ وانگر چمڪندي هئي. جيئن تہ حضرتِ حَسان بن ثابت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا:

مَتٰی يَبۡدُ فِی اللَّيۡلِ الۡبَهِيۡمِ جَبِيۡنُهٗ

بَدَا مِثۡلَ مِصۡبَاحِ الدُّجَی الۡمُتَوَ قِّدِ

يعني جڏهن اونداهہ رات ۾ سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيشاني ظاهر ٿيندي هئي تہ، ستاري جي روشن ڏيئي وانگر چمڪندي هئي. (شرح الزرقانی علی المواہب ج۵ ،ص۲۷۸) اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا:

جس کے ماتھے شَفاعت کا سہرا رہا

اس جَبینِ سَعادَت پہ لاکھوں سلام

(حدائق بخشش ،ص۳۰۰)

شعر جي وضاحت: جڏهن حَشر برپا هوندو ۽ نفسا نفسي جو عالَم هوندو، ڪو ڪنهن جو پُرسانِ حال نہ هوندو تہ شَفاعَت جو سهرو اسان جي آقا عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مٿي تي سجايو ويندو، تہ پوءِ ان لج رکندڙ آقا عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سَعادَت واري پيشاني تي ڇو نہ لکين پيرا دُرُوۡد ۽ سَلامِ مَحَبَّت پيش ڪيا وڃن، جن جي سبب اسان جي ِهتي بہ بگڙي نهي رهي آهي ۽ اُتي بہ نهندي.

(شرحِ حدائقِ بخشش،ص:۱۰۲۰)

شفاعتِ مصطفٰی مرحبا مرحبا

پرچمِ مصطفٰی مرحبا مرحبا

## ڪن مُبارَڪ

سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ٻئي ڪَن مُبارَڪ ڪامل ۽ مڪمل

هئا. قُوّتِ بَصارت سان گڏوگڏ الله عَزَّوَجَلَّ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي قُوتِ سَماعت بہ ڪمال جي عطا فرمائي هئي. ان لاءِ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي فرمائيندا هئا تہ آئون جيڪو ڏسان ٿو، توهان نٿا ڏسي سگهو ۽ جيڪو آئون ٻڌان ٿو، توهان نٿا ٻڌي سگهو، آئون تہ آسمان جي آواز بہ ٻڌي وٺندو آهيان. (الخصائص الكبرى للسيوطى،ج١،ص١١٣)

دُور و نزدیک کے سُننے والے وہ کان
کانِ لَعلِ کرامَت پہ لاکھوں سلام
(حدائِق بَخشِش،ص٣٠٠)

شعر جي وضاحت: سرڪارِ مدينہ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا ڪَن مُبارڪ جيڪي درحقيقت عزّت جا موتي، عظمت ۽ شان جا هيرا ۽ جواهرات جي کاڻ آهن، جهڙي طرح ويجهي کان ٻڌن ٿا، انهيءَ طرح پَري کان بہ ٻُڌن ٿا. اسان جا آقا عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي والدہءِ ماجده جي بَطنِ اَقدَس ۾ رهي ڪري لَوح مَحفُوظ تي هلڻ واري قلم جي آواز کي ٻُڌندا هئا تہ پوءِ اهڙن مُبارڪ ڪَنَن تي بہ چو نہ لکين سَلام چيا وڃن. (شرحِ حدائقِ بخشش،ص:١٠١٦،ملتقطاً)

ساعتِ مصطفٰی مرحبا مرحبا
نصرتِ مصطفٰی مرحبا مرحبا

## سهڻو وات مُبارڪ

سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وات مُبارَڪ فَراخ، رُخسار مُبارڪ هموار، سامهون جا ڏند مُبارڪ ڪشادا ۽ رَوشن ۽ چمڪندڙ هئا، جڏهن حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪلام فرمائيندا هئا، تہ ان مان نُور نڪرندي ڏٺو ويندو هو. حضرت ابُوهُرَيره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي: جڏهن سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ

وَسَلَّم مُسڪرائيندا هئا تہ ديوارون رَوشن ٿي وينديون هيون.

(الخصائص الکبریٰ للسیوطی،ج۱،ص۱۲۷)

وہ دَہن جس کی ہر بات وَحْیِ خُدا
چشمۂ علم و حِکمت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش،ص۳۰۲)

رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جنهن وات (زبان) ڪان نڪرڻ واري هر ڳالھ وَحي جو درجو رکندي آهي، عِلم ۽ حِڪمت جي ان چشمہ فيض تي لکين سَلام هجن.

(شرحِ حدائقِ بخشش،ص:۱۰۲۷)

حکمتِ مصطفٰی مرحبا مرحبا
رِفعتِ مصطفٰی مرحبا مرحبا

## لُعابِ دَهَن مبارڪ

حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وات مُبارَڪ جو لُعابِ پاڪ زَخمين ۽ بيمارن جي لاءِ شِفاء هو، جيئن تہ فتح خيبر جي ڏينهن سَرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو لُعابِ دَهن حضرت عَلي المُرتَضيٰ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي اکين ۾ پاتو تہ اُهي فوراً تندرست ٿي ويون، ڇڻ تہ اکين جو سُور ڪڏهن هو ئي نہ.

حضرت رِفاعه بن رافِع رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو بيان آهي تہ بدر جي ڏينهن منهنجي اک ۾ تِير لڳو ۽ اها اک نڪري پئي. رَسُوْلُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ۾ پنهنجو لُعابِ مُبارڪ وِڌو ۽ دُعا فرمائي. بس مون ڪي ذري برابر بہ تڪليف نہ ٿي ۽ اک بلڪل دُرسّت ٿي وئي. (زادالمعاد،ج۳ص۱۴۴)

جس کے پانی سے شاداب جان وجِناں
اس دَہن کی طَراوت پہ لاکھوں سلام

جس سے کھاری کنویں شیرۂ جاں بنے
اُس زُلالِ حلاوت پہ لاکھوں سلام

(حدائق بخشش،ص۳۰۲)

شعر جي وضاحت: الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري محبوب عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو دَهن مبارڪ (وات جو پاڻي يعني ٿڪ مبارڪ) چشمهء علم و حڪمت به آهي ۽ ان وات جي آلاڻ جان ۽ دل جي لاءِ راحت، سُڪون ۽ تَرو تازگي جو باعِث به آهي. آئون پنهنجي آقا (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي دهنِ مُبارڪ جي آلاڻ تي به لکين سَلام موڪليان ٿو. (انهيءَ طرح) مَحبُوبِ خُدا عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو اهو لُعابِ دَهَنِ مُبارڪ جيڪو کاري کُوهه کي منو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ رُوح ۽ جان کي هڪ نئي تازگي عَطا ڪندو آهي، ان مناڻ جي چشمي تي (به) اسان جي طرف کان لکين دُرُوْد ۽ سَلام هجن. (شرحِ حدائقِ بخشش،ص:۱۰۲۸)

اَوج و کمالِ مصطفٰی مرحبا مرحبا
جُود و نوالِ مصطفٰی مرحبا مرحبا

## زبان مبارڪ

حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مخلوق ۾ سڀ کان زِياده فَصاحت وارا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪلام اهڙو واضح هوندو هو جو گڏ ويهڻ وارو ان کي ياد ڪري وٺندو هو. (الشمائل المحمديه للترمذی،حديث۲۱۳، ص۱۳۴) حضرتِ اُمِ مَعۡبَد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا فرمائن ٿيون: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خاموش هوندا هئا ته پُروقار هوندا هئا ۽ جڏهن گُفتگو فرمائيندا هئا ته چهرهء پُرنُور ۽ بارونق ٿي

ويندو هو، نهايت ئي شِيرِين (وڻندڙ) گُفتگو فرمائيندا هئا ۽ گُفتگو تمام واضح هوندي هئي، جيڪا نه بي فائده هوندي هئي ۽ نه ئي بيهودا .

## هٿ مبارڪ

ڪفِ دَسْت(هٿن جون تِريون) ۽ٻانهون مُبارَڪ گوشت سان ڀريل هيون.
حضرت انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ته مون ڪنهن ريشمي ڪپڙي کي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪف (تِرين) مُبارڪ کان وڌيڪ نرم نه ڏٺو ۽ نه ڪنهن خُوشبوء کي سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خُوشْبُوءَ کان وڌيڪ ڏٺو. (صحيح البخاري ،کتاب المناقب ،ج۲،ص۴۸۹حديث۳۵۶۱) جنهن شخص سان پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُصافَحو فرمائيندا هئا، اهو پورو ڏينهن پنهنجي هٿ ۾ خُوشبو محسوس ڪندو هو ۽ جنهن ٻار جي مٿي تي سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو دَسْتِ مُبارڪ رکندا هئا، اهو خُوشبوءَ ۾ ٻين ٻارن کان مُمتاز هوندو هو. (سيرتِ رسولِ عربي ،ص۲۶۳)

جن کو سُوئے آسماں پھیلا کے جل تھل بھر دیئے
صَدَقہ ان ہاتھوں کا پیارے ہم کو بھی درکار ہے
(حدائقِ بخشش ،ص۱۷۶)

شعر جي وضاحت: اي منهنجا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جن سهڻن سهڻن نُوراني ۽ بابرڪت هٿن کي آسمان جي طرف بارِش جي لاءِ دُعا جي لاءِ ڦيلايا ته توهان مدينهء طيبه ۾ پاڻي ئي پاڻي ڪري ڇڏيو. اي پيارا آقا (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! اُن نُوراني هٿن جو صَدْقو اسان کي به عَطا ٿئي، يعني اسان جي بخشش جي لاءِ به هڪ ڀيرو (اهو مُبارڪ هٿ) دراز فرمايو. (شرح حدائقِ بخشش،ص:۵۱۳)

آقا کے بازو مرحبا مرحبا　　آقا کی آنکھیں مرحبا مرحبا

## پير مبارڪ

بئي پير مُبارَڪ پُرگوشت ۽ خُوبصُورت اهڙا جو بئي ڪنهن جا نہ هئا ۽ نَرم ۽ صاف اهڙا جو ان تي پاڻي ٿورو بہ نہ رُڪندو هو، بلڪ فوراً وَهي ويندو هو (سيرتِ رسولِ عربي ،ص۲۷۶) حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن پٿر تي هلندا هئا تہ اهو (پٿر) نَرم ٿي ويندو هو، تہ جيئن پاڻ بآساني ان کان گُذري وڃن ۽ جڏهن ريتيءَ تي هلندا هئا تہ ان ۾ پير مُبارَڪ جو نشان نہ هوندو هو.

(سيرتِ رسولِ عربي ،ص۲۷۷)

گورے گورے پاؤں چمکا دو خُدا کے واسطے
نُور کا تڑکا ہو پیارے گور کی شب تار ہے

(حدائقِ بخشش ،ص۱۷۷)

شعر جي وضاحت: اي منهنجا پيارا رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! خُدا جي لاءِ پنهنجي سهڻا سهڻا ۽ نُوراني قدمَ منهنجي اونڌاهہ قَبر ۾ رکي ڪري منهنجي قَبر جي ڪاري رات کي صُبحِ نُور بڻائي ڇڏيو! تہ جيئن منهنجي وحشت دُور ٿي وڃي ۽ نڪيرَين جي سُوالن جا با آساني جواب ڏئي سگهان.

(شرحِ حدائقِ بخشش،ص:۵۱۴)

انوارِ مصطفٰی مرحبا مرحبا
گلزارِ مصطفٰی مرحبا مرحبا

## مُوئي (وَار) مُبارڪ

متي مُبارَڪ جا وار نہ تمام گهٽا گهنڊڙيل ۽ نہ ئي تمام گهٽا لَسا هئا بلڪ ٻنهي جي درميان هئا. ڏاڙهي مُبارڪ گهاٽي هئي، ان کي ڪنگهي ڪندا هئا ۽ آئينو ڏسندا هئا ۽ سمهڻ کان پهريان اکين ۾ ٽي ٽي (3,3) ڀيرا سُرمو لڳائيندا هئا. مُڇون مُبارَڪ کي ڪٽيندا هئا ۽ فرمائن ٿا تہ :مُشرِڪن

جي مُخالفت ڪريو. يعني ڏاڙهي وڌايو ۽ مُڇين کي پَسّت (ننڍيون) رکو.

(مشکاۃ المصابیح ،کتاب اللبا س ،باب الترجل ،ج۲،ص۴۸۷، حدیث ۴۴۲۱)

ہم سیہ کاروں پہ یاربّ تَپِشِ مَحشر میں
سایہ اَفگَن ہوں تیرے پیارے کے پیارے گیسو

(حدائقِ بخشش،ص۱۱۹)

شعر جي وضاحت: اي منهنجا پَروَرْدِگار عَزَّوَجَلَّ! قِيامت جي سخت گرمي ۾ مون کي پنهنجي مَحبُوب جي زُلفِ وَاللّيل جي ڇانوَ نصيب فرماءِ ته جيئن ان ساڙيندڙ اُس جي حَرارَت (شدت) کان مَحفُوظ رهي سگهان.

(شرحِ حدائقِ بخشش،ص:۳۴۴)

انوارِ مصطفیٰ مرحبا مرحبا
گلزارِ مصطفیٰ مرحبا مرحبا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو ته! دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبةُ المدينه جي مطبوعه 873 صفحن تي مشتمل ڪتابِ لاجواب "سيرتِ مُصطَفيٰ" صفحي 563 تي مَوجود حُسن ۽ جَمال جي پيڪر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حليي مبارڪ جي مُتَعلِّق اَشعار پڙهون ٿا:

رُوحِ حق کا میں سراپا کیا لکھوں؟ حُلیۂ نُورِ خُدا میں کیا لکھوں؟
پَر جَمالِ رَحمَۃٌ لِّلعٰلَمِیں جلوہ گرہو گا مکانِ قبرُ میں
اس لئے ہے آگیا مجھ کو خَیال مُختصر لکھ دوں جمالِ بے مثال
تا کہ یاروں کو مرے پہچان ہو اوراس کی یاد بھی آسان ہو

www.dawateislami.net

تھامِیانہ قَد و اَوسَط پاک تَن — پر سپید و سُرخ تھا رنگِ بدن
چاند کے ٹکڑے تھے اعضا آپ کے — تھے حَسین و گول سانچے میں ڈھلے
تھی جبیں رَوشن کشادہ آپ کی — چاند میں ہے داغ، وہ بے داغ تھی
دونوں اَبرو تھیں مثالِ دو ہِلال — اور دونوں کو ہوا تھا اِتّصال
اِتّصالِ دومہِ ''عیدَین'' تھا — یا کہ اَدنیٰ قُرب تھا ''قَوسَین'' کا
تھیں بڑی آنکھیں حَسین و سُرمگیں — دیکھ کر قُربان تھیں سب حُورِ عیں
کان دونوں خُوب صُورت اَرجمند — ساتھ خُوبی کے دَہن بینی بُلند
صاف آئینہ تھا چِہرہ آپ کا — صُورت اپنی اُس میں ہر اِک دیکھتا
تابہ سِینہ رِیشِ محبُوبِ اِلٰہ — خُوب تھی گنجان مو رنگ سیاہ
میں کہوں پہچان عُمدہ آپ کی — دونوں عالَم میں نہیں ایسا کوئی

عظمتِ مصطفٰی مرحبا مرحبا
آمدِ مصطفٰی مرحبا مرحبا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته اسان جي پياري آقا، شهنشاهِ ڪون و مڪان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيتري قدر حَسِين ۽ جميل هئا جو اوهان جهڙو نه ڪڏهن آيو، نه ڪڏهن ايندو. سَرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مٿي کان پَير، نُور جا مَرڪز ۽ مَحوَر هئا، اوهان جا تمام عَضوا مُبارَڪ خُوبي ۽ ڪمال جا اهڙا جامع هئا جو ان جي نظير ۽ مِثال نه ٿي ملي. جيڪڏهن اسان غور ڪريون ته اهڙي پياري کان وڌيڪ به ڪو مَحبَّت جي لائق ٿي سگهي ٿو؟

هرگز نہ بالخُصُوص اهو ماڻهو جيڪو دُنياءِ فاني جي عارضي حُسن کي ڏسي ڪري عِشقِ مَجازيءَ جي بيماريءَ جو شڪار ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ خِلافِ شريعت ڪمن ۾ مبُتلا ٿي ڪري پنهنجي دُنيا ۽ آخرت برباد ڪري ڇڏيندا آهن انهن جي لاءِ غور جو مَقام آهي.

شَيخِ طريقت، اَمِيرِ اَهلِسُنت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابُوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه فرمائن ٿا: هن (عشقِ مجازي) جو سڀ کان وڏو سبب اڪثر مسلمانن ۾ اسلامي معلومات جي گهٽتائي ۽ ديني ماحول کان دوري آهي، انهيءَ ڪري هر پاسي گناهن جو سيلاب اچي چڪو آهي! T. V، V.C.R، ۽ انٽرنيٽ وغيره ۾ عِشقِيہ فلمون ۽ فِسقِيہ ڊرامن کي ڏسي يا عشق بازين تي مبالغہ آميز اخباري خبرون، ۽ ناولن، بازاري ماهنامن، ڊائجسٽن ۾ فرضي افسانن کي پڙهي يا ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي مَخلوط (جتي ڇوڪرو ڇوڪري گڏ هجن اهڙن) ڪلاسن ۾ ويهي، يا نامَحرم رشتيدارن سان ملي پاڻ ۾ بي تڪلفي واري راهہ تي هلڻ سان اڪثر نوجوانن کي ڪنهن نہ ڪنهن سان عِشق ٿي ويندو آهي، پهرين هڪ طرفان ٿيندو آهي پوءِ جڏهن فريق اول، فريق ثاني کي ٻڌائيندو آهي تہ بعض اوقات ٻہ طرفا ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ عمومًا گناهہ ۽ نافرمانين جو طوفان اچي ويندو آهي، فون تي دل کولي بي شرمانہ ڳالهيون بلڪ بي حجاب ملاقاتن جا سلسلا ٿيندا آهن، خطن ۽ تحفن جا تبادلا ٿيندا آهن، شادي جا خُفيہ قول ۽ قرار ٿي ويندا آهن، جيڪڏهن گهر وارا ديوار بڻجن تہ ڪڏهن ٻئي فرار ٿي ويندا آهن، ان کان پوءِ اخبار ۾ اِشتِهار ڇپبا آهن، خاندان جي عزت، آبرو سرِ عام نيلام ٿيندي آهي، ڪڏهن ”ڪورٽ ميرج“ جي ترڪيب ٺهندي

آهي ته ڪڏهن مَعَاذَالله ائين ٿي بنا نڪاح جي..... ۽ ائين به ٿيندو آهي جو پڃي نه سگهن ته خودڪشي جي راهه ورتي ويندي آهي جنهن جون خبرون اخبار ۾ تقريباً روزانو شايع ٿينديون رهنديون آهن (نيڪي جي دعوت)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان مان ڪو، ان گُناهن ۾ مبُتلا هجي ته هينئر ئي سچّي دل سان توبهه ڪري وٺو، ان عشق سراپا فِسق کان نَجات جي لاءِ الله غفار عَزَّوَجَلَّ جي عالي دربار ۾ روئي روئي ڪري دُعا ڪريو، هر مُمڪن صورت ۾ ان وَبال کان جان ڇڏايو ڇو ته. پنهنجي پاڻ کي ديني ڪمن ۾ مَشغول ڪري ڇڏيو. الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت پنهنجي دل ۾ وڌايو ۽ بارگاهِ رِسالت ۾ اِستِغاثو (يعني فرياد) پيش ڪريو.

نُقوشِ اُلفتِ دُنیا مرے دل سے مِٹا دینا
مجھے اپنا ہی دیوانہ بنانا یا رَسُوْلَ الله
نہ دولت دو نہ دو کوئی خزانہ یا رَسُوْلَ الله
سِکھادو عشق میں رونا رُلانا یا رَسُوْلَ الله
سلیقہ آپ کی یادوں میں رونے کا تڑپنے کا
پئے غوث و رضا مجھ کو سکھانا یا رَسُوْلَ الله

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دُنيا جي رنگينين کان دِل لڳائڻ جو ڪجهه فائدو نه ٿيندو، جيڪڏهن دل لڳائڻو ئي آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ۽ان جي پياري رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اَحڪامن سان لڳايو، سَرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنتن تي عمل جي ڪوشش ڪريو. پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرتِ مُبارَڪ جي باري ۾ مزيد معلومات جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جي مطبوعہ

758صفحن تي مشتمل ڪتاب ”سيرتِ رسولِ عربي“ جو مطالعو ڪريو، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ معلومات ۾ اضافي سان گڏوگڏ، پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزيد مَحَبَّت وڌندي ۽حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن تي عمل جو جذبو بہ بيدار ٿيندو.

ياد رکو! نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حَسين ۽ جميل هئڻ سان گڏوگڏ نَفاست ۽ نَظافت پسند بہ هئا. تنهنڪري اسان کي بہ صَفائي سُٿرائيءَ جو خَيال رکندي جائز زَيب وزِينَت اِختيار ڪرڻ گهرجي. حديثِ مُبارڪ ۾ اچي ٿو تہ اِنّ اللهَ جَمِيلٌ يُحِبُّ الْجَمَالَ يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جميل آهي ۽ خُوبصُورتيءَ کي پسند فرمائي ٿو. ("صحيح مسلم "، كتاب الإيمان، باب تحريم الكبر وبيانه، ص٦٠-٦١، رقم الحديث: ١٤٧)

اچو تہ! زينت جي جائز ۽ ناجائز صُورتون ٻُڌون ٿا .جيئن تہ

مرد کي سون جي منڊي پائڻ حرام آهي، مرد چانديءَ جي هڪ مُنڊي هڪ نگ واري جيڪا وَزن ۾ ساڍا چار (4) ماشي کان گهٽ هجي، پائي سگهي ٿو. مرد ڪجهہ مُنڊيون يا هڪ مُنڊي هڪ کان وڌيڪ نگ واري يا ڇَلو نٿو پائي سگهي جو هي سڀ مَردن جي لاءِ ناجائز آهن، عورتون سون چاندي جي هر قسم جون مُنڊيون ڇَلا ۽ هر قسم جا زيورات پائي سگهن ٿيون، وَڄڻ (آواز) وارا زيورات بہ عورتن جي لاءِ منع آهن، نابالغ ڇوڪرن کي بہ زيورات پائڻ حرام آهي، پائڻ وارو گنهگار ٿيندو. (الفتاوى الهندية،كتاب الكراهية،الباب العاشرفى استعمال الذهب والفضة،ج٥،ص٣٣٥ملخصا) شريعت ۾ اجازت آهي تہ جيڪڏهن اللّٰه تَعاليٰ دولت ڏني آهي تہ سنو لباس ۽ قيمتي ڪپڙن جو استعمال عورتن ۽ مَردن ٻنهي جي لاءِ جائز آهي پر شرط اهو تہ فخر ۽ آڪڙ جي لاءِ نہ هجي، بلڪ نعمتِ خُداوندي

جي اِظهار جي لاءِ هجي. (ردالمحتار،كتاب الحظر والاباحة، فصل فى اللبس،ج۹، ص۵۷۹بتصرف ما)

سُرمو لڳائڻ اسان جي پياري آقا، مديني واري مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نهايت ئي پياري پياري ۽ مني مني سُنت آهي. سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن سمهڻ لڳندا هئا ته پنهنجي مبارڪ اکين ۾ سُرمو لڳائيندا هئا. تنهنڪري اسان کي به سمهڻ کان پهريان اِتباعِ سُنت جي نِيت سان پنهنجي اکين ۾ سُرمو لڳائڻ گهرجي. ان سان اسان کي سُرمي لڳائڻ جي سُنت جو به ثواب ملندو ۽ گڏوگڏ ان جا دُنيوي فائدا به حاصل ٿيندا. اسان جي پياري آقا، مديني وارا مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي سرِ اَقدس ۽ ڏاڙهي مُبارَڪ ۾ تيل لڳائيندا هئا، ڪنگهو ڪندا، وچ مٿي مان سينڌ ڪيندا هئا. حضرت سَيِّدُنا اَبُوهرَيره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مَروي آهي ته حُضورِ پاڪ، صاحبِ لَولاڪ، سياحِ اَفْلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو : جنهن جا وار هجن اهو ان جو اِحترام ڪري. (يعني ان کي ڌوئي، تيل لڳائي، ڪنگهو ڪري) (سنن ابوداؤد،كتاب الترجل ،باب فى اصلاح الشعر،الحديث۴۱۶۳،ج۴،ص۱۰۳) (۴) ڇوڪرين جو نڪ (وغيره) ٽوپڻ جائز آهي. (ردالمحتار ،كتاب الحظر والاباحة، ج۹،ص۵۹۸) (۵) ڪجهه ماڻهو ڇوڪرن جا به ڪن ٽوپائيندا آهن ۽ والي وغيره پارائيندا آهن اهو ناجائز آهي . يعني ڇوڪرن جو ڪن ٽوپڻ به ناجائز ۽ان ۾ زيور پائڻ به ناجائز. (ردالمحتار ،كتاب الحظر والاباحة،فصل فى اللبس،ج۹،ص۵۹۸، ۶۹۳ملخصاً) (٦) عورتن جي هٿن پيرن تي ميندي لڳائڻ جائز آهي، ننڍن ڇوڪرَن جي هٿن پيرن تي ميندي هڻڻ ناجائز آهي، ٻارڙين کي ميندي هڻڻ ۾ حرج ناهي. (ردالمحتار ،كتاب الحظر والاباحة،فصل فى اللبس،ج۹،ص۵۹۹ ملتقطاً)

حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته مديني جي تاجدار، سرڪار ابد قرار، شفيعِ روز شمار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ هڪ مُخَنَّث (يعني

کدڙو) حاضر ڪيو ويو، جنهن پنهنجا هٿ ۽ پير ميندي‌ءَ سان رنڱيا هئا. ارشاد فرمايائون: ان جو ڇا حال آهي؟ (يعني ان جو ميندي هنئي آهي؟) ماڻهن عرض ڪيو: هي عورتن جي نقل ڪري ٿو، اسان جي مني مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حڪم فرمايو تہ ”هن کي شهر بدر ڪري ڇڏيو، تنهن ڪري ان کي شهر بدر ڪيو ويو، مدينهءِ منوره مان ڪدي ”نقيع“ ڏانهن موڪليو ويو.“

(سننِ ابی داؤد،کتاب الادب ،باب فی الحکم فی المخنثین،الحدیث ۴۹۲۸،ج۴،ص۳۶۸)

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو! ڪدڙي، عورتن جي نقل ڪئي يعني هٿن پيرن تي ميندي هنئي تہ اسان جي مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان ايتريقدر ناراض ٿيا جو ان کي شهر بدر ڪري ڇڏيائون. ان مبارڪ حديث مان اسان جا اهي ڀائر درس حاصل ڪن، جيڪي شادي يا عيد وغيره جي موقعن تي پنهنجي هٿن يا آڱرين تي ميندي هڻندا آهن، ۽ ها! جهڙي طرح مردن کي عورتن جي نقل ڪرڻ جائز ناهي، اهڙي طرح عورتون بہ مردن جي نقل نہ ٿيون ڪري سگهن.

جيئن تہ حضرت سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ راحتِ قلب وسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لعنت فرمائي، زنانہ مردن تي جيڪي عورتن جهڙي صورت ٺاهئن ۽ مردانہ عورتن تي جيڪي مردن جهڙي صورت ٺاهئن.“ (المسند للامام احمد بن حنبل ،مسند عبد الله بن عباس ،الحدیث ۲۲۶۳،ج۱ص۵۴۰) (۷) جاندارن جي تصويرن وارا لباس هرگز نہ پائيندا ڪريو نہ ئي جانورن يا انسانن جي تصويرن وارا اسٽيڪرز پنهنجي ڪپڙن تي لڳايو، نہ ئي گهرن ۾ ٽنگيو. (۸) پنهنجي ٻارن کي اهڙا ”بابا سوٽ“ نہ پارايو جن تي جانورن ۽

انسانن جا ڦوٽو نهيل هوندا آهن. (٩) عورتون پنهنجن مڙسن جي لاءِ جائز شين سان، پر گهر جي چؤديواريءَ ۾ سينگار ڪن پر ميڪ اپ ڪري ۽ نهي ٺُڪي گهر کان ٻاهر نه نڪرن ڇوته اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”عورت پوري جي پوري عورت (يعني لڪائڻ جي شيء) آهي جڏهن ڪا عورت ٻاهر نڪرندي آهي ته شيطان ان کي جهاتي پائي ڏسندو آهي. (جامع الترمذی ،کتاب الرضاع،باب(١٨)،الحديث١١٧٦، ج٢، ص٣٩٢) (١٠) مٿي اگهاڙي گهمڻ سنّت ناهي. تنهن ڪري اسلامي ڀائرن کي گهرجي ته پنهنجي مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائي رکن ڇوته اها اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نهايت ئي مني سنّت آهي.

## دارُالافتا اهلسنَّت جو تعارُف:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اها زِينَت اپنايو جنهن جي شريعتِ مُطَهَّره اِجازت عطا فرمائي آهي ۽ جيڪو فيشن اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ناراضيءَ جو سبب بڻجي، ان سان پاڻ به بچو ۽ پنهنجي اَهل و عِيال کي به بچايو ۽ سيني معاملن ۾ رهنمائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن سُني عالمِ دين يا دارُالاِفْتاء اَهلِسُنت سان رابطو ڪريو. دارُالاِفْتاء اَهلِسُنت دعوتِ اسلامي جي 97 شعبه جات مان هڪ شعبو آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ پاڪستان جي اِن شهرن بابُ المدينه (ڪراچي) ۾ 4، زَمزَم نگر (حيدرآباد باب الاسلام سندھ)، سردار آباد (فيصل آباد)، مرڪزُالاولياء (لاهور)، راولپنڊي ۽ گلزارِ طيبه (سرگودها) ۾ دارُالافتاء اهلسنَّت، پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڏکايل اُمَّت جي شَرعي رَهْنمائي ۾ مصروفِ عمل آهن. ان کان علاوه ”دارُالافتاء اهلسنَّت“ جي تحت ڪم ڪرڻ واري شعبي ”دارُالافتاءآن لائن“ جي اسلامي ڀائر به اِنْتهائي ذِمّه

داري سان گڏ ٽيلي فون، واٽس ايپ(Whatsapp) ۽ اِنٽر نيٽ تي پوري دُنيا جي مُسلمانن جي طرف کان پڇيا ويندڙ مَسئلن جو حل ٻُڌائيندا آهن. ان کان علاوه دارُالاِفْتاء آن لائن جي اسلامي ڀائرن سان اِنٽرنيٽ جي ذريعي پوري دُنيا کان ان ميل ايڊريس (darulifta@dawateislami.net) تي سوال پڇجي سگهجن ٿا. پوري دُنيا کان هٿو هٿ شرعي رهنمائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اِنهن نمبرن تي رابطو به ڪري سگهجي ٿو. نمبر نوٽ فرمائي ونو.

0300-0220113-------0300-0220112

0300-0220115--------0300-0220114

پاڪستاني وقت جي مُطابِق صبح 10 بجي کان شام 4 بجي تائين اِنهن نمبرن تي رابطو ڪري سگهجي ٿو، جُمعي جي ڏينهن موڪلَ هوندي آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان حُسن و جمالِ مُصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي باري ۾ ٻُڌو. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان جهڙو حَسين ۽ جَميل ڪو پيدا ناهي ڪيو، ايستائين جو سَرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڇو نه ٻڌايو، ڇو جو اهڙي واحد جي لاءِ اهڙي ئي يڪتائي هئڻ گهرجي، ان مان اندازو لڳايو ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ، پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ڪيتري قدر مَحَبَّت فرمائي ٿو. تنهنڪري جيڪڏهن اسان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رِضا حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا ته دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃون. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني

ماحول جي برڪت سان نيڪ اعمال جي ڪثرت، گُناهن کان نَفْرت، سُنتن تي اسْتِقامت ۽ وڌ کان وڌ عبادت ۽ تلاوت جي عادت ٻڌجي ويندي.

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

**ٻارنهن مدني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "علاقائي دؤره برائي نيڪي جي دعوت"**

نيڪي جي دعوت ۽ سُنتن جي خدمت جي لاءِ ذيلي حلقي جي ٻارنهن مَدَني ڪمن مان اِڳتي ڪري حصّو وٺو. ذيلي حلقي جي ٻارنهن مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم"علاقائي دوره برائي نيڪي جي دعوت" بہ آهي. مختلف علائقن ۾ وڃي ڪري ماڻهن کي نمازن ۽ سُنتن جي طرف راغب ڪرڻ جي لاءِ نيڪي جي دعوت ڏيڻ يقينًا تمام وڏي سعادت آهي.

حضرت سَيدُنا اِبنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان رِوايت آهي تہ حُضُور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرْشاد فرمايو: "تنهنجو نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان مَنع ڪرڻ صَدَقو آهي ۽ تنهنجو ڪمزور کي پنهنجي سُواري تي ويهارڻ صَدَقو آهي ۽ تنهنجو رستي کان گندگي هٽائڻ صدقو آهي ۽ نماز جي لاءِ هلڻ ۾ هرقدم تي تنهنجي لاءِ صَدَقو آهي." (الترغيب والتر هيب ، کتاب الادب ،باب فی اماطۃ الا ذی عن الطريق ،ج ۳،ص ۴۶۶،حديث۴۵۶۱) توهان ڏٺو تہ نيڪي جي دعوت ڏيڻ سان صدقي جو ثواب بہ حاصل ٿيندو آهي، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ خُوب خُوب علاقائي دوره برائي نيڪي جي دعوت جي ذريعي فَضلِ خُداوَندي جي حَقدار بڻجون، مدني قافلن ۾ سفر، مدني اِنْعامات تي عمل ۽ مدني مُذاڪرن ۾ شِرڪت ڪندا رهون، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون بي شُمار برڪتون حاصل ٿينديون. اچو تہ علاقائي دَوْرَه برائي نيڪي جي دعوت ۾ شرڪت جي هڪ مدني بهار ٻُڌون ٿا.

## هڪ غيرمسلم جو قبولِ اسلام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **خانپور** (پنجاب) جي هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي جو بيان آهي تہ باب المدينه ڪراچيءَ کان سنّتن جي تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ تشريف کڻي آيل **مدني قافلي** سان گڏ مون کي بہ علائقائي دورو ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو، هڪ درزيءَ جي دڪان جي ٻاهران ماڻهن کي گڏ ڪري اسان ”نيڪيءَ جي دعوت“ ڏئي رهيا هئاسين. جڏهن بيان ختم ٿيو تہ انهيءَ دڪان جي نوجوان ملازم چيو،”مان عيسائي آهيان توهان جي نيڪيءَ جي دعوت منهنجي دل تي گهرو اثر ڪيو آهي، مهرباني فرمائي مون کي اسلام ۾ داخل ڪريو.“ اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اهو مسلمان ٿي ويو.

(فيضانِ سنت (جلد اوّل)باب فيضانِ بسم الله )

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی
صدقہ تجھے اے ربِّ غفّار مدینے کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مِشْکاۃُ الْمَصابِیح ،ج١ ص٥٥ حديث ١٧٥ دارالکتب العلمية بيروت )

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!                    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# گھر ۾ اچڻ وڃڻ جا 12 مدني گل

﴿1﴾ جڏهن گهران ٻاهر نڪرو ته هي دعا پڙهو: "بِسۡمِ اللهِ تَوَكَّلۡتُ عَلَى اللهِ لَاحَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ" ترجمو: الله جي نالي سان، مون الله تي ڀروسو ڪيو. الله کان سواءِ نه (گناهن کان بچڻ جي) قوت آهي ۽ نه (نيڪيون ڪرڻ جي) طاقت آهي. (سنن ابن داود، ج 4 ص 420 حديث 5095) اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ دعا ڪي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهندو مصيبتن کان حفاظت ٿيندي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد شاملِ حال رهندي ﴿2﴾ پنهنجي گهر ۾ ايندي ويندي مَحارِم ۽ مَحرمات (مثال طور ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، ٻارن ٻچن وغيره) کي سلام ڪريو﴿3﴾ بنا الله (عَزَّوَجَلَّ) جو نالو وٺڻ جي مثال طور بِسۡمِ الله چوڻ بنا جيڪو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي، شيطان به اُن سان گڏ داخل ٿي ويندو آهي ﴿4﴾ جيڪڏهن اهڙي گهر (ڪٿي پنهنجي خالي گهر ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو به نه هجي ته هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصّٰلِحِيۡن (يعني اسان تي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهي سلام جو جواب ڏيندا. (ردالمحتار ج 9 ص 682) يا هن ريت چوي: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكَ اَيُّهَاالنَّبِيُّ (يعني يا نبي توهان تي سلام) چوته حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي. (بهار شريعت حصو 16 ص 96، شرح الشفاء للقاري ج 2 ص 118) ﴿5﴾ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو ته هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُم ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟ ﴿6﴾ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نه ملي ته خوشي سان موٽي وڃو، ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نه ڏني هجي ﴿7﴾ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ کان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو ته جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نه پوي ﴿8﴾ ڪنهن جي گهر وڃو ته اُتان جي انتظامات تي بي جا تنقيد نه ڪريو ان سان اُن جي دل

آزاري تي سگھي تي ﴿9﴾ واپسيءَ تي گھروارن جي باري ۾ دعا بہ ڪريو ۽ مهرباني بہ ادا ڪريو ۽ سلام بہ ۽ تي سگھي تہ ڪو سنتن ڀريو رسالو وغيره تحفي ۾ پيش ڪريو.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل بہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بہارِ شریعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتیں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي. (101مَدَنی پھول،ص۲۷)

عاشقانِ رسول، آئیں سنّت کے پھول
دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمۡ وَبَارِكۡ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ࣙالنَّبِيِّ الۡاُمِّيِّ الۡحَبِيۡبِ الۡعَالِى الۡقَدۡرِ الۡعَظِيۡمِ الۡجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحۡبِهٖ وَسَلِّمۡ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ہو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوۡلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمۡ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.(2)

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(3)

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(4)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.(5)

---

3 ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

4 ...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

5 ...القول البديع، الباب الاول، ص125

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[6]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[7]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[6] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[7] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305